ڊاڪٽر ريحانه نذير
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# ميين شاهه عنات جي ڪلام کي سهيڙڻ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون خدمتون

## (EFFERTS OF DR. N.A. BALOCH IN COMPILATION OF POETRY OF SHAH INNAT )

**Abstract:**

*Dr. Nabi Bux Balouch is one of the most prominent literary Scholar of Sindh. Dr. Balouch started his literary career by writing folk literature and later translated several works from other languages like persion, Arbic, English etc, for the benefit of Sindhi Language, literature and masses. He wrote many books being an Literary Scholar, Linguist and Historian. In this Paper, I will portray his efforts in collating works of classical poetry, particularly his research efforts in collecting and explaning Shah Inaat's poetry.*

سنڌ جي زرخيز مٽي منجهه اها سگهنڌ آهي جو اُن اهڙن اهڙن آمُلهه انسانن کي جنم ڏنو آهي جن جي سوچ، لوچ، عقل، فهم، علم ۽ ڏاهپ جي خوشبوءِ سموري جهان لاءِ هُڳاءُ بڻجي ان کي واسي وجي ٿي. اهڙن ئي اُملهه ڪردارن مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به هڪ آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ گهڻ رخي ۽ گهڻ پاسائين شخصيت جا مالڪ آهن. سنڌي ادب جي ورلي ڪا اهڙي صنف هوندي جيڪا سندن پارکو نظر کان نه گذري هوندي، پاڻ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، ٻولي، لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعري تي لکيل ڪيترائي ڪتاب نه صرف سهيڙيا اٿن، پر انهن موضوعن

تي عالماڻا مقدما سندن قدر۽ قيمت  کي چار چنڊ لڳائي ڇڏين ٿا.

لطيفيات، لغت ۽ لوڪ ادب ته سندن ميتا جا عالمِ آشڪار باب آهن، پر ان سان گڏ لطيف کان اڳ ۽ پوءِ جي ڪلاسيڪل شاعري جي تلاش ڪري ان جي چنڊ ڇاڻ ۾ رات ڏينهن پنهنجو نور نچوئي سنڌ جي اساسي شاعرن جي ڪلام کي جيڪو جدا جدا هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل هو ۽ مختلف ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام (رسالن) ۾ گڏيل هو، ان کي جانچي جونچي تاريخي ماخذن ۽ روايتن جي بنياد تي سهيڙي هڪ جدا صورت ۾ ترتيب ڏنو ۽ انهيءَ تحقيق جي روشني ۾ اهو پڻ ثابت ڪيو ته سنڌي اساسي شاعري ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ اسرڻ شروع ڪيو ۽ لطيف تائين پهچندي اها پنهنجا بنياد پختا بنائي چڪي هئي. بلوچ صاحب قاضي قادن جي شاعري کان وٺي حمل فقير ۽ غلام محمد خانزئي تائين اساسي شاعرن جي ڪلام کي نه صرف سهيڙي هڪ جاءِ تي يڪجا ڪيو ، پر هر هڪ شاعرجي ڪلام تي تحقيق ڪري ان جي اصل تخليق کي سامهون آڻيندي سندس شاعريءَ کي جدا مرتب ڪري، رسالا ترتيب ڏنا ۽ سندن فن ۽ فڪر جو تجزيو ڪندي، انهن شاعرن سان وابسته دورن جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن کي مدنظر رکندي سندن شاعري جي اهميت ۽ افاديت تي روشني وجهندي، سنڌي اساسي شاعريءَ تي جيڪو دهنڌ ڇڙهيل هو، ان کي صاف ۽ چٽو ڪري هڪ آئيني جيان سامهون بيهاريو، جنهن ۾ لطيف کان اڳ توڙي پوءِ جا سمورا لڪل چهرا صاف نظر اچڻ لڳا.  بقول دائود پوٽي جي ته:

> شاهه صاحب کان اڳ شاعري جو ميدان سجو ۽ سڪٽو هو ۽ پڙهندڙ شاه جي ڪلام جي حسن کي ڏسي  ائين ڀائيندا هئا ته اهو جمال لازوال هن کي ئي حاصل ٿيو آهي.هن جي خط ۽ خال سينگارڻ ڪنهن ٻئي شاعر جو هٿ نه هو، پر ائين نه آهي شاهه صاحب کان اڳ ڪيترائي باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن. (دائودپوٽه، 1978، 24-25)

هونئن ته ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ڪي سوڌي، سنواري ۽ سهيڙڻ جي سلسلي ۾ بلوچ صاحب جوڪيل ڪم ڪنهن عظيم ڪارنامي کان گهٽ نه آهي، پر هتي منهنجو موضوع ميين شاه عنات جي ڪلام جي ڳولا ۾ ورتل سندس ڪاوشن جو جائزو وٺڻ آهي.

ميون شاه عنات اساسي شاعري جو اهو انمول هيرو آهي، جنهن جي شاعريءَ جا اولڙا ڀٽائي جي ڪلام ۾ جرڪندا نظر اچن ٿا. بلوچ صاحب ان جو بيان هن طرح ڪري ٿو ته:

> ميين شاه عنات قالب گهڙيا، ته ڀٽائي صاحب اهي سوڌي سنواري پريا، ميين عنات ديوارون ڪنيون، ته ڀٽائي صاحب عمارتون اڏيون، ۽ ميين شاه عنات صورتون ايجاد ڪيون ته ڀٽائي صاحب اهي روح ڦوڪي جاڳايون. ميين عنات جڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواڻ بنجي آيو ۽ اچي ميدان سنواريائين، جنهن ۾ ڀٽائي صاحب پوءِ ڪونتل ڪڍايا.(بلوچ، 1963، 89-90)

ميين شاه عنات جي ڪلام جون صفتون بيان ڪندي بلوچ صاحب ڪيس سنڌي شاعري جو شاهڪار قرار ڏئي ٿو، جيڪو وقت جي وڇوٽين سبب عام ۽ خاص جي نظرُن کان گهڻو وقت اوجهل رهيو. بلوچ صاحب ان سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف هنڌن تان ڪلاسيڪل شاعري جي پراڻن ماخذن، خانداني روايتن ۽ مختلف سگهڙن کان صدري روايتون هٿ ڪري، ان منجهان ميين شاه عنات جو نه صرف ڪلام هٿ ڪيو، پر ان سان گڏوگڏ سندن سوانح جنهن ۾ خاندان، جنم، جواني، شوق، شغل، شاديون، اولاد ۽ پيري فقيريءَ ڏانهن رجوع ڪرڻ سان گڏ مختلف اوليائن جي صحبتن، زيارتن ۽ مختلف واقعن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ڪوجنا ۾ ڪين تقريباً چوڏهن سال لڳي ويا، پر ان سڀ ۾ وڏيڪ اهم بلوچ صاحب جو شاه عنات جي شاعري جو فني ۽ فڪري حوالي سان جائزو وٺڻ آهي، جنهن ۾ هن شاه عنات جي شاعري جي مختلف زاوين کان چند چاڻ

ڪندي سندس شاعري جي موضوع، ٻولي، ترڪيبن جي استعمال سان گڏوگڏ سندس خيال ۽ فڪري اونهائي کي پڻ مختلف شعرن ذريعي پرکي پرجهي، ان تي تحقيقي ۽ عالماڻي انداز سان مقدمو لکي پيش ڪيو آهي. سندس ان تحقيق جي بدولت ئي اها ڳالهه چاڻي سگهياسين ته ميون عنات پهريون شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو آهي، جنهن ۾ چار سو ڪان وڌيڪ بيت ۽ 42 وايون شامل آهن.

هو ڪيس وائيءَ جو موجد پڻ ڪوني ٿو، جيڪي فني ۽ فڪري لحاظ کان ڪلاسڪ جي حيثيت رکن ٿيون. سندس شاعري ۾ ان وقت جي روايتي موضوعن سان گڏ ڪجهه نوان موضوع پڻ شامل آهن جنهن ۾ ٻوليءَ جي اکيچار لفظن سان گڏ محاورا ۽ تشبيهه جا نوان انداز شامل آهن. انور فگار هڪڙي جي لفظن ۾ ته:

> سندس بيتن ۾ پهريون ڀيرو لغت جي ڳوڙهائي ۽ بيان جي رواني ۽ رنگيني نظر اچي ٿي، هوسنڌي ٻولي جي وسعت کي نروار ڪري رهيو آهي. هن پنهنجي بيتن ۾ مجازي حسن کي ڳايو آهي. ڪانئس اڳ توحيد، تصوف، نصيحت، هدايت ۽ حال حقيقت جو بيان مکيه موضوع هوندو هو. (هَڪڙو، 2017، 7، 8)

ميين شاهه عنات جي بيتن ۾ مختلف اوليائن جي صحبت، عقيدت ۽ زيارتن جو بيان ملي ٿو، جنهن بابت بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

> ميين شاه عنات جي فقيري حال ڏانهن لاڙو غالبن جوانيءَ جي موٽ ڏاري ٿيو، سکر ۾ شاه خيرالدين ۽ ملتان ۾ پنهنجي وڏن جي بزرگن جي درگاهن جون زيارتون جوانيءَ کان وٺي پيريءَ جي اوائلي دور سوڌو ڪيائون. سنڌ جي ٻين بزرگن خانقاهن ۽ درگاهن جون عقيدت وچان زيارتون ڪيائون .(بلوچ، 1963، 78)

شاه عنات جي شاعري ۾ تصوف، حسن، عشق، درد، فراق، وصل توڙي هجر جون ڪيفيتون جابجا نظر اچن ٿيون، جن کي هو

تصوف جي روحاني رمزن، سنڌ جي رومانوي داستانن ۽ مختلف پورهين سان وابستا ڪردارن کي تمثيلن ۽ علامتن ذريعي بيان ڪري ٿو،جنهن بابت بلوچ صاحب لکي ٿو ته ”ميون شاه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيتن ۾ مجازي حسن کي ڳايو آهي، ڪائنس اڳ توحيد ۽ تصوف نصيحت ۽ هدايت، حال ۽ حقيقت جو بيان بيتن جو مکيه موضوع هوندو هو. ميين شاه عنات پڻ ان روايت مطابق ڪن سرودن خصوصاً ڪلياڻ، ڪنڀات، سرراڳ، رام ڪلي، پرڀات، ڌناسري، آسا، ڪاپائتي ۽ ڪارائڙي ۾ توحيد ۽ طريقت، نصيحت ۽ عقيدت جا پيوند هنيا، مگر جيئن ته ميين عنات پنهنجي بيتن ۾ وصف ۽ بيان جي وسعت پيدا ڪري، قصن ۽ داستانن جي سورمين جي سونهن ۽ سينگار کي موثر انداز ۾ ورجايو ۽ اهڙي طرح اعلى سنڌي شاعري ۾ پهريون پيرو مجازي حسن جي تعريف ۾ به نئين باب جو اضافو ٿيو:

چنڊ چوڏس اپري سَهسين ڪري سينگار
پلڪ پريان جي نه پڄي، جي حيلا ڪري هزار
جهڙو سَڀِ ڄمار، تهڙو دم ڏوسَ جو.

مٿين بيت تي پٺائي جو چيل بيت: ’سهسين سج اڀري چوراسي چنڊن‘ پڻ لکيل آهي. بلوچ صاحب پنهنجي هن تحقيق ۾ ميين عنات جي شاعري جا جيڪي لطيف جي شاعري تي اثرآهن، تن متعلق دليلن سان بحث ڪيوآهي. مثال طور تي هو ’سرڪنڀات‘ ۾ محبوب سان ملڻ لاءِ اٺ کي مختلف آڇون پيش ڪري ٿو، اهوساڳيو تصور لطيف وٽ به موجود آهي. لطيف جي شاعري جو موازنو ڪندي ڪافي محققن لطيف جي عقيدت ۾شاه عنات کي لطيف کان متاثر ٻڌايو آهي، جڏهن ته بلوچ صاحب پنهنجي هن تحقيق ۾ وزني دليلن سان مختلف روايتن کي پيش ڪندي ناقدين جي اهڙن خيالن کي رد ڪيو آهي. ان بابت هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

> لطيف جي ننڍي عمر، صالح طبيعت ۽ ميين شاه عنات ذانهن سندس دلي رغبت مان صحيح گمان اهو ئي نڪري ٿو ته، نوجوان لطيف اسي ورهين جي شاعر ۽ بزرگ وٽ ڪي سوچڻ ۽ سکڻ لاءِ نه ڪيس سمجهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ويو. ميين شاه عنات ۽ ڀٽائي جي سرواز بيتن ڪي غورسان پڙهندي چٽيءَ طرح معلوم ٿيندو ته ڀٽائي صاحب هن بزرگ کان گهٽو ڪي پرايو. (بلوچ، 101،1963)

بلوچ صاحب، شاه عنات ۽ لطيف جي فڪر ۽ خيال جي هم آهنگي کي ڏاڍو باريڪ بيني سان تجزيو ڪندي سندن هڪٻئي سان عقيدت ۽ محبت جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي ته، ٻنهي بزرگن جي پاڻ ۾ صحبت ۽ سنگت جو اهو عالم هو، جو چون ٿا ته ڀٽائي 'سر عمر مارئي' ميون شاه عنات جي چوڻ تي لکيو هو ۽ شاه عنات وري 'سر سسئي' لطيف جي شاعري کان متاثر ٿي لکيو، چاڪاڻ ته ميون عنات سسئي لاءِ اها راءِ جوڙي هئي ته اها عورت ڪهڙي جا ستر چڏي جهنگن ۾ ڪاهي پئي تنهن کي ڪهڙو ساراهبو.

مولانا غلام محمدگرامي، بلوچ صاحب جي ان تحقيقي مقدمي بابت لکي ٿو ته:

> ممڪن آهي ته ڪي اهل ذوق ميون عنات کي لطيف جي فني پيشرو جي حيثيت سان تسليم نه ڪن تاهم ڊاڪٽر صاحب جي مهاڳ ۽ مقدمي کي غور سان مطالعو ڪرڻ بعد پوءِ اهو ضرور مڃٽو پوندو ته لطيف هن عمررسيده ۽ قادرالڪلام شاعر جي صحبت ۽ رهاڻ مان استفادو ضرور حاصل ڪيو آهي، ان استفادي جي اثر کي لطيف جي فن ۾ تسليم نه ڪرڻ لاءِ ڪوبه واجبي سبب نظر نٿو اچي.(گرامي، 1965، 307)

ان کان علاوه بلوچ صاحب، شاه عنات ۽ لطيف جي شاعري، فن ۽ فڪر جو نهايت عرق ريزيءَ سان تقابلي جائزو وٺندي، آخر ۾ ان نتيجي تي رسيو ته ميين شاه عنايت جي فقرن

۽ مصراعن پٽائي صاحب کي ايتري قدر متاثر ڪيو، جو هن اهي تضمين طور کنيا ۽ پنهنجي بيتن ۾ انهن کي پوئي اسلوب توڙي معني جي لحاظ سان انهن کي ويتر وڌيڪ چمڪايو، نتيجي طور اهو چئي سگهجي ٿو ته، مييون شاه عنات پنهنجي حيثيت ۾ وڏو شاعر هو ۽ پٽائي صاحب هڪ تمام وڏي شاعر هئڻ سان گڏ وڏو مفڪر پڻ هو. سندس ان تحقيقي اڀياس بابت ڊاڪٽر ناهيد لکي ٿي ته:

> بلوچ صاحب شاه عنات جي ڪلام ۽ لطيف جي ڪلام جو تقابلي جائزو پيش ڪري ان کي هر رخ کان روشن ڪيو آهي. اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي اساسي شاعري جي تاريخ ۾ هڪ روشن باب جو واڌارو ڪيو آهي. ان اعلى شاعري جي تسلسل ۽ ارتقا جي ڇنڊڇاڻ لاءِ هن ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو، جنهن مان سندس سنڌي ٻولي، ادب توڙي فڪر سان جيڪا محبت هئي، تنهن جي بي مثال ثابتي ملي ٿي.(ميمڻ، 2012، 330)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ميون شاهه عنات جو ڪلام سهيڙي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري سنڌي ادب جو اُهو فني ۽ فڪري ورثو آهي جنهن جي مضبوط پاڙن تي جديد سنڌي شاعري جا بنياد پختا ۽ پائيدار رهندا اچن ٿا ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيقي ڪم جو معيار هر لحاظ کان اعليٰ ۽ اُتاهون رهيو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سندس ڪم جي تعريف هن لفظن سان بيان ڪئي آهي ته:

> ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ ايڊيٽنگ جي سلسلي ۾ مهاڳ ۾ وضاحت ڪئي آهي ۽ ميين شاهه عنات جي سوانح عمري دؤر ۽ شاعري تي مقدمي ۾ بحث ڪيو اٿس. هي مقدمو (89) صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ شاهه عنات جي ڪلام جو فن ۽ فڪر جي لحاظ کان به جائزو ورتو ويو آهي نه رڳو ايترو پر شاهه لطيف ۽ شاهه

> عنات جي ڪلام جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ اهو به زيربحث آيو آهي ته ميين شاهه عنات ئي شاهه صاحب ۾ ماروئي جا بيت چوڻ جو چاهه پيدا ڪيو، هي تفصيلي مقدمو نه رڳو هڪ علمي زخيرو آهي پر ڊاڪٽر صاحب جي ان طرز جو به شاهد آهي ته شخصيت ۽ دور جي هر پهلوءَ کي ڪيئن روشن ڪجي. متن کي مختلف قلمي نسخن سان پيٽيو ويو آهي ۽ آخر ۾ شرح ۽ ضروري سمجهاڻيون ڏنيون ويو آهن ان ريت هن عظيم شاعر جي ڪلام ۽ سوانح جا جملي پهلوءَ روشن ڪيا ويا آهن. (جوڻيجو، 1998، 75-76)

ان ڪري اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته بلوچ صاحب هڪ اهڙو عالم، محقق ۽ اسڪالر آهي، جنهن کي جنهن به موضوع تي ڪم ڏنو ويو، ان ۾ هُن پنهنجي علمي ۽ تحقيقي مهارت کي سامهون رکندي، ان موضوع کي عالمي معيار جي پد تائين پهچائي ڇڏيو. پوءِ اها لوڪ ادب جي اسڪيم هجي يا لغت سازي جو ڪم، لطيفيات هجي يا ٻولي ۽ ادب جي تاريخ يا وري ڪٺي سنڌ جي تاريخ هجي، مطلب ته هُن جو مجموعي ڪم اعليٰ تحقيقي اصولن تي مشتمل نظر اچي ٿو.

## حوالا:


بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (1963). ميين شاهه عنات جو ڪلام. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ

بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. (2019).ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاهه عنات رضوي (هڪ اڀياس). مرتب: اسحاق سميجو. حيدرآباد،سنڌ: حضرت ميون شاهه عنات فائونڊيشن

جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. (1998). ڊاڪٽر بلوچ هڪ مطالعو. بدين، سنڌ: لاڙ ادبي سوسائٽي بدين

دائود پوٽا، عمر بن محمد، ڊاڪٽر. (1978). مضمون ۽ مقالا: سهيڙيندڙ: خديجه خانم دائود پوٽا. حيدرآباد، سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

گرامي، غلام محمد. (1965). ٽه ماهي مهراڻ 1/ 2. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ

ميمڻ، ناهيد، ڊاڪٽر. (2012).مهراڻ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر. ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.

هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. (2017). ٽه ماهي تخيل: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر. حيدرآباد، سنڌ: مارئي اڪيڊمي